# ١٠. سُٺا ٻار

ٻڌو. ڳايو، سمجھو ۽ عمل ۾ آڻيو.





سُھڻا منڙا ٻار بڻون،
ھردم آگياڪار بڻون.

ھردم سچ جي ٻولي ٻوليون،
سيوا، تياڳ جون پايون چوليون،
گُڻگراھي گُلزار بڻون،
سُھڻا منڙا ٻار بڻون.

عيبن کان مُنھن موڙيون ھردم،
سِڪ جو ناتو جوڙيون ھردم،
جيون جو سينگار بڻون،
سُھڻا منڙا ٻار بڻون.

وير مان ڪجھ پِي ورڻو ناھي،
ٻَل ٻَڌيءَ ۾ ’گھايل‘ آھي،
وڏڙن جو آڌار بڻون،
سُھڻا منڙا ٻار بڻون.



**نوان لفظ :**

| | | |
|---|---|---|
| هردم - سدائين | گُلزار - گلن جو باغ | ٻَل - طاقت |
| آگياڪار - چيو مڃيندڙ | عيب - بُرائي | ٻَڌي - ايڪتا |
| تياڳ - قرباني | مُنهن موڙڻ - پاسو ڪرڻ | آڌارُ - سَهارو |
| ڳڙگڙاهي - ڳُڻ ڳرهڻ ڪندڙ | | |

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

١) شاعر هردم ڇا ڪرڻ لاءِ چوي ٿو؟
٢) شاعر ڇا کان منهن موڙڻ لاءِ چوي ٿو؟
٣) جيون جو سينگار ڪيئن ٺهي سگهبو؟
٤) ٻَلُ ڇا ۾ آهي؟
٥) شاعر هن ڪوتا ۾ ڪهڙو سنديش ڏنو آهي؟

**سوال ٢ : هيٺ ڏنل جملن سان لاڳاپو رکندڙ بيت جون سٽون ڳولهيو :-**

| جُملو | بيت جي سٽ |
|---|---|
| مثال : اَسانکي براين کان پري رهڻ گهرجي. | عيبن کان منهن موڙيون هردم. |
| ١) دشمنيءَ مان ڪجهه بہ حاصل نہ ٿيندو. | |
| ٢) سڀني سان پيار ڀريو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي. | |
| ٣) ٻين جون سٺيون ڳالهيون ڪٽڻ گهرجن. | |
| ٤) ايڪتا ۾ ئي شڪتي آهي. | |
| ٥) هميشه سچ ڳالهائڻ گهرجي. | |

**سوال ٣ : 'س' اَکر سان شروع ٿيندڙ لفظ لکو.** (١) ...................... (٢) ...................... (٣) ..............................

**سوال ٤ : بيت ۾ ڏنل ہم آوازي لفظن جا جوڙا لکو.** (١) ...............X............... (٣) ............ X ...............

**هدايت :** ماستر شاگردن کي هيءَ بيت لئہ تال سان ٻڌائي، اُنهن کان چوائيندو.
**مشغولي :** ماستر شاگردن کي چوندو تہ 'گُڻوان بالڪ' وشيہ تي ڏهہ سِٽون گهران لکِي اَچو.

## پورڪ اَڀياس

١. ڏنل مثال موجب چوکنڊا ڀريو:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سچائي | سچو | تياڳ | ........ | آگيا | ........ |
| ........ | ايماندار | ........ | سيوڪ | ........ | سُنو |

٢. هيٺ ڏنل لفظڪم آڻي جملا ٺاهيو :

سُهڻا، سيوا، ٻلُ، سچ